**ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو**
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

# نسيم کرل جي ڪھاڻين جا موضوع

## TALES THEME OF NASEEM KHARIL

**Abstract:**

Sindhi short story is a most popular and lively genre. Sindhi short story is ever written in Sindhi after poetry. Naseem Kharel is an important and popular name in Sindhi short stories. In his short stories, realism and progessiuism is dominant. In this research paper, the subjects of Naseem's short stories have been discussed in detail.

### نسيم کرل:

نسيم کرل جو نالو سنڌي ڪھاڻي ۾ ھڪ روشن باب جيان آھي. جيئن ڪھاڻي يا افسانو سنڌي ادب ۾ معياري ۽ سگھاري صنف جو ھجڻ سنڌي ٻولي ۾ نسيم کرل جھڙن اھم ڪھاڻيڪارن جي قلم جي زور سبب وجود ۾ آيو. نسيم کرل 1956ع کان لکڻ شروع ڪيو سندن ڪھاڻين جا مجموعا شبنم شبنم ڪنول ڪنول، چوٽيھون در ۽ ڏمي شايع ٿيا. ھنن ٽنھي مجموعن جو گڏيل ڪتاب "نسيم کرل جون ڪھاڻيون" نالي شايع ڪيو ويو آھي جنھن ۾ 32 ڪھاڻيون آھن. ھي ڪتاب روشني پبليڪشن وارن شايع ڪرايو آھي.

> "نسيم جي ڪھاڻين کي پڙھڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ ھن وٽ ڪھاڻيءَ جي ڏات بہ آھي تہ پيشڪش جو ڏانءُ بہ آھي". (1)

ڊاڪٽر الانا صاحب جن لکن ٿا تہ:

> "نسيم کرل عوام دوست ۽ سماج سڌارڪ ليکڪ ھو" (2)

"نسيم کرل جو نالو سنڌي ٻولي جي بھترين ڪھاڻيڪارن جي پھرين صف ۾ شامل آھي.ھن جنھن طرح ڪھاڻيءَ فن ۾ تيز مشاھدي مطالعي ۽ تيز لفظن ذريعي جيڪو اسلوب قائم ڪيو ان ۾ ھو پنھنجو مٽ پاڻ آھي. پير حسام الدين راشدي جن لکن ٿا تہ

"نسيم کرل زمينداري گھراڻي سان تعلق رکي ٿو. عام ماڻھن سان اٿي

ويٺي ۽ لهه وچڙ ائس، مشاهدي جي قوت قدرت اڻ مئي ڏني ائس. هو هوائي ڳالهيون ڪو نہ ٿو ڪري، خيالي پلاءُ ڪونہ ٿو پچائي جن ڪردارن توڙي مسئلن تي هو لکي ٿو سي ٻهراڙيءَ جا عام ۽ عالم آشڪار مسئلا ۽ معاملا آهن. نسيم پنهنجي آس پاس مان واقعا ۽ ڪردار کڻي ٿو". (3)

نسيم کرل جي افسانن جا موضوع اڪثر ڪري پنهنجي معاشري جا پيڙهيل طبقي جا انسان ۽ اهي وڏيرا جيڪي کهڙي طرح پنهنجي ظلم ذريعي مسڪين هارين جو رت چوسين ٿا. نسيم کرل جي افسانن ۾ خاص مقصد شامل آهي قومي اصلاح ۽ معاشري جي سڌارڻ لاءِ پرچار ملي ٿي. هو معاشري کي سڌارڻ لاءِ ان جا نقص ظاهر ڪري ٿو. هو انساني همدردي جو سبق پنهنجن افسانن ذريعي پڻ ڏئي ٿو. نسيم کرل پنهنجي ڪهاڻين ۾ اوچي سوسائٽي جي ماحول وارا موضوع پڻ ڏنا آهن ۽ انهن جا چٽ بہ چٽيا آهن. اوچي طبقي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقن جي عڪاسي پڻ ڪئي آهي. هن غريب ۽ مسڪين ماڻهن، هارين، نارين جي حالت ۽ انهن جي مفلسي جا موضوع پڻ افسانن ۾ پيش ڪيا آهن.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جن لکن ٿا تہ

"نسيم کرل سماج جي هنين پرت کان وٺي مٿين طبقي تائين زندگيءَ جا انوکا رنگ روپ ڪڍي اسان جي سامهون آندا آهن جاگيرداري سماج جي زوال پذير قدرن مٿئين طبقي جي نفسياتي پيچدگين، وچين طبقي جي اخلاقي ڪمزورين، موقعي پرستن ۽ سنڌي سماج جا نيٺ ثقافتي نفسياتي پهلو اجاگر ڪيا آهن. عام طور تي چيو ويندو آهي تہ نسيم کرل وڏيري طبقي مان هو جنهن ڪري هن پنهنجي طبقي تي لکيو" (4)

وڌيڪ ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جن لکن ٿا تہ

"نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ طبقاتي ڪشمڪش ڪانهي پر مان سمجهان ٿو تہ نسيم زندگيءَ جي هر پل جو ڪهاڻيڪار هو. نسيم کرل جي ڪهاڻين کي مختلف گروپن ۾ ورهائي سگهون ٿا. جهڙوڪ سماجي نظام جون برايون انهن مان پيدا ٿيندڙ مسئلا ۽ عام ماڻهن جا الميا"، (5)

شمس الدين عرساڻي جن لکن ٿا تہ

"هن پنهنجي فن ۾ مٿئين طبقي جي کوکلي زندگي، وڏيرن جي زوال پذير ذهنيت ۽ ان جي ماحول ۾ پليل نوجوان تعليم يافتہ زميندار جي هلت جي بلڪل فطري بيساختگيءَ سان عڪاسي ڪئي آهي" (6)

نسيم کرل پنهنجي ڪهاڻي جي مجموعي "شبنم شبنم ڪنول ڪنول ۾ "ڪچو رنگ" ڳڻ، گذريل واردات، زماني جي گردش زر ۽ زور ۽ سندس ٻئي مجموعي چوٿيهون در ۾ پهرين مراد ۽ آئٽ وغيره افسانا اهي آهن جن جا موضوع معاشري جا

استحصالي طبقو آهي يعني سنڌ جو وڏيرو، زميندار، جاگيردار، ڪمدار، چور، پوليس، رشوت خور ڪامورو، هيءُ اهي موضوع آهن جيڪي ترقي پسند نظريي واري رجحان سڌي يا اڻ سڌي طرح پوئلڳي ڪن ٿا. ترقي پسندي  کي هونءَ بہ طئي ٿيل رجحان يا لاڙو نہ آهي. مطلب تہ ترقي پسند رجحان لاءِ اهو طئي نٿو ڪري سگهجي تہ فلاڻي مخصوص سوچ ترقي ڏانهن اشارو ڪري ٿي. ترقي پسندي هر دور جي پنهنجي هوندي آهي. بنيادي طور تي پراڻن، مدي خارج ۽ استحصال جي خلاف سوچ ڪهڙي بہ دور جي هجي اها ترقي پسند سوچ آهي جيڪا اسان کي نسيم کرل جي افسانن جي موضوعن ۾ واضع ۽ چٽي نظر اچي رهي آهي.

نسيم کرل پنهنجي ڪهاڻي ”مجاور“ ۾ سرڪاري آفيسرن جا ڪڌا ڪرتوت بيان ڪري ٿو. جن جا اڄ ڏينهن تائين تقريبن اهي ئي حال آهن، مجاور ڪهاڻي ۾ اعليٰ ڪامورن جي ڪمن تي لکي ٿو.

> ”نظرون استيج ڏانهن هيون، جنهن کي وڏو ريشمي پردو لڳل هو. اٽڪل نائين بجي ڊي سي صاحب پنهنجي سنگت ساٿ سميت پهتو، تہ پوءِ شو جي شروعات ٿي، پردو هٽيو تہ شهر جي مشهور ڳائڻي شمشاد سر راڻي مان پلٽو هنيو“. (7)

اهڙي طرح ڪهاڻي ڪچو رنگ ۾ زميندارن کي پوليس ۽ ٻين عملدارن اڳيان خوار ٿيندي ڏيکاري ٿو، ”آٽت“ ڪهاڻي ۾ وري پنجابي سرڪاري آفيسرن جو سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن کي لٽيندو، نڳيندو ۽ بي وس ۽ لاچار ڪندو ڏيکاري ٿو. هن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ جو وڏيرو پنهنجن غريب ماڻهن تي تہ ظلم ڪري ٿو پر اڻ پڙهيل ۽ تعليم گهٽ هجڻ ڪري فقط ناٺ ۽ هرو ڀرو جي شان ۽ وڏائي خاطر پنجابي ڪاموري جي هٿان ڦرجندو رهي ٿو. هن ڪهاڻي ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ پنجابي ڪهڙي بہ طرح استحصال ڪندو رهي ٿو. پوءِ کڻي انهن جا ڪامورا ڇو نہ هجن. ڪهاڻي ”زماني جي گردش“ ۾ اهڙي موضوع تي قلم کنيو آهي نسيم کرل جو هن ڪهاڻي ۾ هڪ سنڌي وڏيري جو ٻئي سنڌي وڏيري جي ريس ۾ اجائي خرچ ۽ فضول دولت لٽائي پاڻ کي ان مٿان هر ڀرو جي فوقيت ڏيکارڻ جي ڪوشش جيڪا عام سنڌي وڏيرن جي هڪ سوچ هوندي آهي. ۽ انهيءَ هرو ڀرو جي آڪڙ ۽ وڏائي ۾ فقير ٿيندو ڏيکاري ٿو. جيڪو پنهنجي تڪ جي هڪ زميندار کان ڪنڌ هيٺ ڪري، اکيون بند ڪري سوال ڪري ٿو تہ:

> ”خان مان بہ تو جهڙو زميندار هوس، پر زماني جي گردش سبب هي حال اچي ٿيا آهن. تو وٽ لنگهي آيو آهيان، تہ پنهنجي شان تي جيڪو سري سگهين سو ڏئينم تہ گذر سفر ڪري وڃي ڪي وڻ ڏسان. ٻيو تنهنجي سربخت جو خير“. (8)

هن ڪهاڻي جي موضوع مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جي وڏيرن جي کهڙي سوچ آهي. جنهن غلط سوچ ڪري پنهنجو سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏين ٿا. جيڪو اڄ به اسان جي وڏيري جي سوچ جي عڪاسي آهي ته پنهنجو مال به بيدردي سان لٽيندا ته وري غريب ۽ مظلوم هاري جي مال کي به ٻنهي هٿن سان پنهنجي طرف ڇڪيندا آهن. هي اهڙا موضوع آهن جيڪي اسان جي سماج آڏو نسيم کرل کڻي ڪري پيش ڪيا آهن.

نسيم کرل جي ڪهاڻي "مڪسڊ گرل" هي سندن مجموعي ڇوٽيهون در جي پهرين ڪهاڻي آهي. "مڪسڊ گرل" هڪ مڪسڊ گرل هڪ ڊش جو نالو آهي جنهن ۾ گوشت، ڇوزا، جيرا، ٻڪيون سيئي شامل هوندا آهن. ڪهاڻي جو موضوع سنڌ جو مقامي رهواسي سنڌي آهي. جيڪو هن وٽ آيل عرب مهمان جي عزت، احترام ۽ عقيدت کي به ظاهر ڪري ٿو ته گڏو گڏ عربن جي فحاشي ۽ عياشي کي به ظاهر ڪري ٿو. جنهن هن ڪهاڻي ۾ شيخ جو ڪردار آهي، عرب کاڌي جي طعامن ۾ مختلف کاڌن کي ملائي هڪ ڊش ٺاهي کائي ٿو ته ان جي ساڳي سوچ عورت جي معاملي ۾ به آهي. پاڻ سان گڏ ٻن عورتن کي به رکي ٿو. ليڪ اهڙن ڪردارن ۽ موضوعن جي حقيقت کي هن طرح پڌرو ڪري ٿو جو سندن ئي عورت رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي مڙس کي نشي جي حالت ۾ ڇڏي ڪنهن ٻئي جي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي. اهڙي حقيقت عرب جي لباڙ ۽ ظاهري سطح کي وائکو ڪيو ويو آهي هن ڪهاڻي ذريعي ليڪ لکي ٿو ته.

> "باقاعدي نڪاح ته انهن ٻن سان اٿم، پر ڇوان ٿو ته ٿين به تنهنجي ملڪ مان ڪيان. تو صلاح ڏي ڪٿان ڪيان؟
>
> "يا شيخ، جي تون ٿيون حرم ڪرين ته لاهور مان ڪر، تنهنجو ڏڪ اهي جهلينديون لاهور جو حسن به واهه واهه آهي. اوهين لاهور ته ويا هوندوءِ؟"
>
> مان ته پيرا لاهور ويو آهيان، لاهور جو حسن جزاڪ الله! يا شيخ، اسان سنڌين جي به اتان جي حسن تي گگ ڳڙي پوندي آهي ۽ بنا ڪم ڪار جي پيا لاهور ۾ نوس نوس ڪندا آهيون." (9)

هن ڪهاڻي ۾ ليڪ اهڙي موضوع کي ڪنيو آهي جيڪو حقيقت ۾ سچو ۽ درست لڳي رهيو آهي. عربن جي عياشي ۽ سنڌي ماڻهو جي مزاج کي ليڪ هن افساني ذريعي وائکو ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ ٻي مشهور ڪهاڻي "پهرين مراد" آهي. نسيم کرل جي هي ڪهاڻي سنڌ جي ٻهراڙي جي هڪ اهڙي موضوع تي لکيل آهي جيڪا هڪ ڇور پنهنجي پٽ کي پنهنجي وقت جي ڇوري واريون ڳالهيون بيباڪ ۽ بهادري سان ٻڌائي ٿو، جيڪا حقيقت ۾ هڪ رسوائي ۽ شرم جي ڳالهه هجڻ گهرجي، پر ليڪ انهي ڇور جي هڪ سوچ جي عڪاسي ڪئي آهي هن

ڪهاڻي ۾ چور جي نفسيات انهن جي سوچ ڏيکاري وئي آهي. هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ پهرين چوري ڪامياب ڪرڻ تي پيءُ ڪيڏو نہ خوش ڏيکاريو ويو آهي، اصل ۾ هن موضوع تي قلم تمام گهٽ ليکڪن کنيو جنهن تي نسيم کرل کنيو آهي. چو تہ هن ڪهاڻي ۾ خاص طور تي ٻهراڙي ۾ رهندڙ ماڻهن جي سوچ کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪي چوري، جهيڙي کي بهادري ۽ پنهنجو اعزاز سمجهن ٿا. جيڪا دراصل اسان جي قوم لاءِ هڪ شرمناڪ ۽ بدنما داغ جيان آهن پر ڏنو وڃي تہ اڄ بہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اها سوچ اڃان تائين ختم ڪونہ ٿي آهي پر گهٽ ضرور ٿي آهي، هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ لکي ٿو.

"ها ابا، تو ۾ سو دلين جا پاور آهن، تون بہ وڃي پرايون ٽڪان ٻڌايون، ڪن تہ ڪيواهران پليو يا مقابلا ڪيا". ماڻڪ پيءُ کي مهائي هنئي. عنايت پٽ جو اهو مهڻو ٻڌي صفا ليڪو لنگهي ويو. سٿ ڏئي پنهنجو پٽڪو لاهي، مٿي وارا چٽيل نشان پٽ کي ڏيکاريندي چيائين "هي مٿي وارو چير ڪهاڙي آ يا ماڻهين جو...............آهي!"

الائي تو کي خبر؟

"ياڙي شهرن جو ٿو مهڻو ڏئي! اسان مڙس ماڻهو هئاسي، ڪن تو وانگر سڄو ڏينهن پئي رنن سان لاڏ ڪياسين." (10)

هن ڪهاڻي ۾ پيءُ پٽ کي پنهنجي چوري ۽ ان ۾ لڳل زخمن کي فخر جي انداز ۾ ٻڌائي رهيو آهي، جيڪا اصل ۾ تعليم ۽ شعور جي ڪوٽ جي هڪ اهم گواهي آهي. هن سوچ ختم ڪرڻ کان سواءِ اسان جي تقدير تبديل نٿي ٿي سگهي ليکڪ جو هن اهم موضوع تي قلم کڻڻ جو سبب ئي معاشري ۾ جيڪي غلط ۽ فرسوده نظام آهي انهن خلاف بغاوت ڪرڻ آهي جيڪا هڪ نئي فڪر ۽ سوچ جي اهم ضرورت آهي.

نسيم کرل جي اهم ڪهاڻي چوٽيهون در هي ڪهاڻي دراصل سکر بئراج جي 66 دروازن جي نسبت سان رکيل آهي جنهن جا اڌ دروازا يعني 33 سکر جي حد ۾ آهن ۽ 33 روهڙي جي حد ۾، هن ڪهاڻي ۾ هڪ طرف ذميوار فرض شناس سرڪاري ملازم جو ڪردار آهي ٻئي طرف اهڙا ڪردار آهن جيڪي دولت ۽ ذاتي مفادن کي ترجيح ڏيندي ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ رڌل آهن. هي ڪهاڻي هڪ اهم موضوع تي لکيل آهي هن ڪهاڻي ۾ پوليس وارن جي اصل روپ کي ظاهر ڪري ڏيکاريو ويو آهي. هڪ گيج ريڊر جي ڪردار آهي، جيڪو سکر بئراج جي چوٽيهين در ۾ هڪ نوجوان عورت جو ڳلو ڪپيل لاش ڏسي بالا آفيسر کي اطلاع ڏئي ٿو مگر هو معاملي کي نٽائي وڃي ٿو. سکر ٿاڻي ڏانهن روانو ٿئي ٿو. تہ جئين لاش سان انصاف ٿئي. پوليس پنهنجو روايتي ڪردار ادا ڪندي الٽو فريادي کي ڦاسائڻ چاهي ٿي. پر گيج

ريٻڙ همت حوصلي وارو سجاڳ فرد ڏيکاريو ويو آهي، آخرڪار ايف آءِ آر لکڻ تي مجبور ڪري ٿو پر اهي جڏهن ٿاڻي جي حد تي نظر وجهن ٿا ته اهو چوٽيهون در روهڙي ٿاڻي جي حد ۾ اچي ٿو. جنهن ڪري خوش ٿيندي فريادي کي روهڙي ٿاڻي جي حد ۾ وڃڻ جو چون ٿا. ڇو ته لاوارث لاش مان ڪنهن کي ڪجهه به حاصل ناهي ٿيڻو، گيج ريٻڙ روهڙي طرف پهچي ٿو. هن ٿاڻي جو عملدار ڪجهه ساڻس نرمي ڪري ٿو پر لاش جي پنهنجي طور جاچ ڪرائي ٿو ته ڪهڙي در ۾ قاتل آهي. لاش چوٽيهين مان نڪري ٽيٽيهن در ۾ اچي ڦاسي ٿو. جنهن ڪري اهي وري سکر طرف وڃڻ جو چون ٿا. اهڙي طرح حدن جي تڪرار سبب سماج جو هڪ باشعور انسان دربدر ڏيکاريندي ڏيکاريو ويو آهي.

ليکڪ ڪهاڻي ۾ لکي ٿو.

”هو ڪي گهڙيون فٽ پاٿ تي ويهي رهيو. هن نه سکر طرف قدم وڌايو ۽ نه روهڙي طرف موٽ کاڌي. ٻئي پاسا ڳورا هئا. اڳيان ٻاهه هئي ته پنيان پاڻي هو.“ (11)

هن لاش درياءَ بادشاهه حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جون حدون تمام وڏيون آهن هيڏانهن سکر ٻئراج ته هوڏانهن عربي سمنڊ.

هي اهڙو موضوع آهي جيڪو حقيقت ۾ اسان جي سماج جي لاءِ سمجهه ۾ اکيون کولڻ وارو آهي ته اسان حدن جي خاطر فقط پنهنجي مفاد کي ترجيح ڏيون ٿا باقي اسان جي جيڪا ڊيوٽي آهي اها اسان ڪهڙي طرح نڀائي رهيا آهيون هن ڪهاڻيءَ جو موضوع حقيقت ۾ نئي سوچ جي عڪاسي ڪري ٿو.

نسيم کرل جي اهم ڪهاڻي ”ڪافر“ هڪ اها ڪهاڻي آهي جيڪا اسان جي سماج جي مذهبي منافقي تان پردو کڻي ٿي. هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ اهڙي موضوع تي ڪهاڻي لکي آهي جيڪا اسان جي سماج جي هڪ چٽي نموني منافقت ۽ ٻٽن روين جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. هن ڪهاڻي ۾ ڪافر کي مسلمان ته ڪيو ويو آهي پر اسان جي سماج جا رويا انهيءَ کي قبول ڪرڻ کان آري آهن. هن ۾ ليکڪ سماجي جي اهڙي موضوع تي قلم کنيو آهي جيڪو ڏٺو وڃي ته ڇرڪائيندڙ آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”مکي جو جواب ٻڌي فتح جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اکيون لال ٿي ويون. هڪ خسيس اوڏ گار ڏني آهي. حالانڪ اوڏ کي خبر هئي ته ڀهراڙيءَ ۾ ڪو پنهنجي ذات کان ٻاهر سڱ نه ڏيندو آهي. ناريجا ناريجن ۾ ڏيندا آهن ته ڪلهوڙا ڪلهوڙن ۾ ڏيندا آهن. فتح ڪاوڙ مان مکيءَ کي دڙڪو ڏيندي چيو، ”مکي، زبان سنڀال. اڳتي حرف نه ڪڇجاءِ نه ته...............“ پر مکي هيسجڻ بجاءِ مرڪڻ لڳو ۽ فتح کي چيائين

”اهو ڪهڙو قانون ۾ لکيل آهي جو توهان وٽندو ۽ ڏيندو ڪونه. توهان جي مذهب ۾ ته سڀ مسلمان پائر آهن ۽ ڪو ويڇو ئي ڪونهي.“ (12)

هن ڪهاڻي ۾ اسان جي هٺ ٺوڪين رسمن ۽ انا پرستي جي چٽي تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي ته اسان مسلمان اوڏ ڪان ته پنهنجي لاءِ رشتو گهرون ٿا پر اهو اوڏ جڏهن هاڻي مسلمان ٿي ويو آهي ته انهيءَ کي رشتي گهرڻ تي اسان جو خون گرم ٿي ويجي ٿو ۽ اوڏ کي پنهنجي اصليت ڏيکاري وڃي ٿي، ۽ اوڏ جو اهو چوڻ ته توهان جي مذهب ۾ ته سڀ مسلمان پائر آهن پوءِ هي ڇا آهي؟ هن ڪهاڻي ۾ اهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي ته اسان جو مذهب هجي يا ڪٽي سماج اسان کي سچائي سان پيش ڪرڻو پوندو ته قبول پوندو نه ته زوري جي ميندي يا زبردستي جا رشتا ۽ مذهب گهڻو پائدار نٿو ٿي سگهي. هي موضوع اهو موضوع آهي جنهن تي اسان جي قلم ڪارن هن تي گهٽ قلم کنيو آهي. هي موضوع حقيقت جي تمام ويجهو آهي جيڪو اسان جي سماج ۾ اڄ به مذهبي ۽ ذات پات جا طبقاتي فرق واضع آهن. اهڙي مذهبي فرق ڪري نئين مسلم ظاهري ۽ عملي حقيقتن ۾ فرق کي ڏسي واپس پنهنجي هندو مذهب ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف مسلمان مٿس ٺٺولي ڪن ٿا ته ڪافر نيٺ ڪافر ڪهاڻي ۾ مذهب جي حقيقت کي ۽ ڪردارن جي ذهني سوچ کي چٽو ڪيو ويو. انهيءَ ڪان علاوه نسيم کرل جي اهم ڪهاڻي ڪني آڱر هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ بازاري عورت جو ڪردار آهي. ٻئي پاسي ڳوٺ جي وڏيري جي ڌيءَ آهي. ناجائز ٻار کي جنم ڏئي ٿي جيئري ٻار مارڻ جي الزام هيٺ بازاري عورت کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. پر حقيقت ۾ اهو گناهه وڏيري جي ڌيءَ ڪري ٿي. پر سماج انهيءَ بازاري عورت کي ملندڙ سزا جو ٻڌي خوش ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو ڪني آڱر وڍي ڇڳي آهي. هيءَ ڪهاڻي اهڙي موضوع تي لکيل آهي جيڪا سماج ۾ طبقاتي فرق کي واضع نموني پيش ڪيو وڃي ٿو ته بازاري عورت ته آهي ئي بازاري پر ڪوٺن ۾ بند وڏيري جي ڌيءَ گناهه ڪري ٿي پر دولت ۽ راهي پوکي جي ڪري انهيءَ جي ڌيءَ بچي وڃي ٿي. اها سماج ۾ اڄ به پاڪ ۽ صاف آهي پر جنهن کي سزا ملي اها عورت جنهن جي ظاهر طرح به سماج ۾ عزت نه آهي ۽ اڄ وري انهيءَ کي نه ڪيل گناهه جي سزا ڏئي سماج پنهنجي جڻ فتح حاصل ڪئي ۽ هن هڪ عورت کي سزا ڏيندي جڻ سماج پاڪ ۽ پويتر ٿي وڃي ٿو ۽ سُک جو ساهه پريندي چوي ٿو ڪني آڱر وڍي ڇڳي آهي. ڇا واقعي اسان اهڙيون آڱريون وڍيندا رهياسين ته ائين نه ٿي جو اسان ظاهري طور ته ڪني آڱر وڍيون پر اهي اصل ۾ ڪنيون آڱريون ڪنهن وڏيري يا دولتمند جي ڇانو ۾ پنهنجو پاڻ کي بچائي ڇڏي ۽ بي گناهه ٻين آڱرين کي وڍيندا رهون، ۽ پوءِ اسان جا هٿ رڳو بنا آڱرين جي وڃي بچن. هن ڪهاڻي ۾ نسيم کرل اهڙي موضوع کي جاءِ ڏئي هڪ حقيقت تان پردو کنيو آهي هيءَ هڪ اهم ۽ نئي

سوچ وارو موضوع پڻ هو. انهيءَ کان علاوه نسيم کرل جون ٻيون به ڪيتريون ئي ڪهاڻيون آهن جيڪي سماج جي طبقاتي فرقن کي واضع ڪن ٿيون.

## حوالا


1. مميڻ، پروين موسى ، سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد 2008ع ص: 361
2. مرتب، تاج جويو، نسيم کرل وڏو ڪهاڻيڪار وڏو انسان، ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، 2005ع ص: 167
3. ساڳيو، ص 149
4. غفور ميمڻ، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2002ع، ص:، 396
5. ساڳيو، ص، 396
6. عرساڻي، شمس الدين، آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب، انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص: 450
7. نسيم کرل، چوٽيهون در، ڪهاڻي مجاور، ورسٽي پبليڪشن ڪراچي يونيورسٽي، ص: 48
8. نسيم کرل، شبنم شبنم ڪنول ڪنول، زماني جي گردش، ورسٽي پبليڪشن، ڪراچي يونيورسٽي، 1979ع ، ص، 41
9. نسيم کرل، چوٽيهون در، ڪهاڻي، مڪسڊ گرل، ص، 15
10. نسيم کرل، چوٽيهون در، ڪهاڻي پهرين مراد، ص، 37
11. نسيم کرل، چوٽيهون در، ڪهاڻي چوٽيهون در، ص: 144
12. نسيم کرل، شبنم شبنم ڪنول ڪنول، ڪهاڻي ڪافر، ص، 14، 15